# حسنِ اخلاق

## جون برڪتون



18 - January-2018

هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن پريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# حسن اخلاق جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).

## دُرُود شريف جي فضيلت

نبي اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: جنهن مون تي ڏھ (10) ڀيرا صُبح ۽ ڏھ (10) ڀيرا شام دُرُودِ پاڪ پڙهيو ان کي قِيامت جي ڏينهن منهنجي شَفاعت نصيب ٿيندي. (مَجْمَعُ الزَّوائِد،ڪتاب الاذڪار، باب ما يقول اذا اَصبح واذا اَمسي،۱۰/۱۶۳، حديث:۱۷۰۲۲)

شَفاعت ڪرے حَشر ميں جو رضاؔ ڪی سِوا تيرے ڪِس ڪو يہ قُدرَت مِلی ھے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سُٺيون سُٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سُٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سُٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي بين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حسن اَخلاق جون بَرَڪتون

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي جڏهن اها خَبَر مِلي ته نَجد (مَوجُوده رِياض) جي هڪ مَشهور بَهادُر "دُعثُور بن حارِث مُحارِبي" مديني تي حَملو ڪرڻ جي لاءِ هڪ لشڪر تيار ڪيو آهي ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ چار سو (400) صَحابَہ ڪرام رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جي فَوج وٺي مُقابَلي جي لاءِ رَوانا ٿيا. دُعثُور کي جڏهن اها خَبَر مِلي ته رَسولِ اَڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان جي شهر ۾ اچي

ويا آهن تہ هو پڇي ويو ۽ پنهنجي لشڪر کي وني جبلن تي چڙهي ويو پر ان جي فَوج جو هڪ ماڻهو "حَبّان" گِرِفتار ٿي ويو ۽ بارگاهِ رِسالت ۾ اچي اِسلام قبول ڪيائين. اِتّفاق سان ان ڏينهن گهڻي برسات ٿي پئي. رَسولِ ڪرِيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ وڻ جي ويجهو پنهنجا ڪپڙا سڪائڻ لڳا. جبل جي بُلندي تان غير مُسلمن ڏٺو تہ صَحابَہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِمْ اَجْمَعِين پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ مَشغول آهن ۽ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اڪيلا آهن تہ انهن دُعثُور کي نَبي ڪرِيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي حَملو ڪرڻ جي لاءِ جوش ڏياريو، دُعثُور هي جُملو "جيڪڏهن مان محمد(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) کي قَتل نہ ڪري سگهيس تہ الله پاڪ مون کي قَتل ڪري" چوندي تَلوار ڪڍي رَسولِ اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏانهن وڌيو ايستائين جو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مٿي مُبارَڪ تي تلوار بُلند ڪري چيائين: هاڻي مون کان اوهان کي ڪير بچائيندو؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اِرشاد فرمايائون: "الله ڪرِيم مون کي تو کان بچائيندو". ايترو چوڻ هو جو حضرت جِبرِيلِ اَمِين عَلَيهِ السَّلَام هڪدم زمين تي لٿا ۽ دُعثُور جي سيني تي اهڙي مُڪ هنئي جو تَلوار ان جي هٿ مان ڇڏائي پري وڃي ڪري. رَسُولِ ڪرِيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪدم تَلوار کڻي ۽ فرمايائون: "هاڻي مون کان توکي ڪير بچائيندو؟"دُعثُور چيائين: مون کي اوهان کان ڪير بہ نٿو بچائي سگهي! نَبي اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ان جي بيڪسي تي رَحم اچي ويو، رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نہ صِرف ان جو قُصور مُعاف ڪيو بلڪ ان جي تَلوار بہ ان کي واپس موٽائي ڏني. دُعثُور پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ اَخلاق کان ايتري قَدَر مُتَاثِر ٿيو جو ڪلمو پڙهي انهيءَ وَقت مُسَلمان ٿي ويو ۽ پنهنجي قَوم ۾ اچي اِسلام جي دَعوَت ڏيڻ لڳو.

(المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة غطفان، ٢ / ٣٧٨-٣٨١ ملخصاً)

تِرے اَخلاق پر قُرباں تِرے اَوصاف پر وارِی        مسلماں کیا عَدُو بھی تیرا قائل یا رسولَ اللہ

www.dawateislami.net

**شعر جي وَضاحت:** يعني يارَسُولَ اللهُ! مان اوهان جي بهترين اَخلاق ۽ عُمده وصفن تي قُربان ٿيان جو پنهنجا ته پنهنجا، پرايا به اوهان جي اَخلاقِ حَسَنه ۽ اَوصافِ حَمِيده کان مُتَاثر هئا.

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان ته رَسُولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اَخلاق ڪيترا نه سنا هئا! پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قُدرَت ۽ اِختِيار هئڻ جي باوُجود پنهنجي ذات جي لاءِ ڪڏهن به بَدلو نه وٺندا هئا، بلڪ بُرائي جو جواب چڱائي سان ئي ڏيندا هئا، ايستائين جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي جاني دشمنن سان به ايتري قَدَر نَرمِي وارو سلوڪ ڪندا هئا جو هو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حَسِين اَدائن جا ديوانه ٿيجي ويندا هئا، جيئن ته بيان ڪيل واقِعي مان ظاهر ٿيو ته دُعثُور جيڪو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جانِي دُشمن هو پر جڏهن ان نَبي اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دَرگُذر ۽ سندن چڱي اَخلاق جو شاندار مُظاهرو ڏٺائين ته هو مُتَاثر ٿيڻ بغير نه رهي سگهيو ۽ هڪدم ڪلِمو پڙهي مسلمان ٿي ويو. معلوم ٿيو! چڱا اَخلاق دل ۾ جاءِ ٺاهڻ جو زَبَردَست مَدَني نُسخو آهي ۽ هي اهڙو نُسخو آهي جيڪو هر شخص جي لاءِ فائدي مَند آهي ڇوته بهترين اَخلاق ۾ نه ئي رَقم خَرچ ٿيندي آهي ۽ نه ئي ان ۾ ڪو نُقصان آهي .

## بااخلاق مبلغ جون برڪتون

مُبَلِّغِن ڪي بهترين اَخلاق وارو هئڻ نهايت ضَروري آهي ڇوته بااَخلاق مُبَلِّغ جي بَرَڪت سان مَدَني ڪم خُوب اڳتي وڌندو آهي، بااَخلاق مُبَلِّغ مَدَني ڪمَ ڪي دُرُست اَنداز ۾ ڪري سگهي ٿو، بااَخلاق مُبَلِّغ مسجِد ڀريو َتحريڪ ۾ نُمايان ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو، بااَخلاق مُبَلِّغ جي بَرَڪت سان عَلائقي ۾ مَدَني ڪمن جون ڌُومون مچي وينديون آهن، بااَخلاق مُبَلِّغ دَعوتِ اسلامي جي نيڪ نامي جو سَبَب ٿيندو آهي، با اَخلاق مُبَلِّغ جي بَرَڪت سان چئني پاسي مَدَني قافِلن جون

ٻهارون اچي وينديون آهن، با اَخلاق مُبَلِّغ نوَن اِسلامي ڀائرن کي آساني سان مَدَني ماحول سان وابَستہَ ڪري سگهي ٿو، بااَخلاق مُبَلِّغ هڪ ڪامياب ذِمّيدار سڏيو ويندو آهي،بااَخلاق مُبَلِّغ کي اِنفِرادي ڪوشِش ۾ ڪنهن خاص پريشاني کي منهن ناهي ڏيڻو پوندو، بااَخلاق مُبَلِّغ جي اِنفِرادي ڪوشِش جي بَرَڪت سان گناهگارن کي تَوبہ جي تَوفيق ۽ غيرِ مُسلمن کي اِسلام جي دَولت نصيب ٿيندي آهي،بااخلاق مبلغ نفرتن جي ديوارختم ڪري محبت جي فضا قائم ڪري سگهي ٿو،بااخلاق مبلّغ وِڇڙيلن کي ملائي سگهي ٿو،بااخلاق مبلغ رُٺلن کي ميڙائي سگهي ٿو،بااخلاق مبلغ پاڻ ۾ فاصلن کي مٽائي محبت ڀريو ماحول بڻائي سگهي ٿو، مطلب تہ سنو اَخلاق گهڻن فائدن کي حاصل ڪرڻ جو ذَريعو آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان نَرمِي ۽ چڱي اَخلاق کي پنهنجي ڪردار جو حصّو بڻايون پر ياد رکو! اهو ضروري نہ آهي تہ اسان ڪنهن سان مسڪرائي ملون تہ هو بہ خوش اخلاقي سان اسان جو اِستقبال ڪري بلڪ ممڪن آهي مخاطَب اسان جي مُرڪ (Smile) کي طَنز سمجهي ڪاوڙ ۾ اچي وڃي ۽ بداَخلاقي سان پيش اچي تنهنڪري اهڙن موقعن تي الله پاڪ جو هي فرمان پيشِ نظر رکڻ گهرجي، جيئن سيپارو 24سورہ حٰمٓ السَّجْدَة جي آيت نمبر34 ۾ آهي:

اِدْفَعْ بِالَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِیْ بَیْنَكَ وَ بَیْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِیٌّ حَمِیْمٌ ﴿۳۴﴾

**ترجموڪنزالايمان:** برائي کي ڀلائي سان ٽار تڏهن اهو جو تو ۾ ۽ ان ۾ دشمني هئي ائين ٿي ويندو ڄڻ تہ گهرو دوست.
(پ 24، حٰم السجده؛ 34)

صَدرُ الافاضِل حضرت علامہ مولانا سَيدمفتي محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بُرائي کي ڀلائي سان ٽارڻ جو طريقو ٻڌائيندي اِرشاد فرمائن ٿا: مَثال طور ڪاوڙ کي صَبر سان، جَهَل (لا علمي) کي حِلم (بُردباري) سان، بدسُلوڪي

ڪي عَفو (۽ دَرگُذر) سان جو جيڪڏهن ڪو توهان سان بُرائي ڪري تُون مُعاف ڪر. هن خَصلت (عادت) جو نتيجو اهو نڪرندو ته دُشمن دوستن وانگر مَحَبَّت ڪرڻ لڳندا. (خزائنُ العرفان،ص ۸۸۴)

اميراهلسنّت،بانيِ دعوت اسلامي اسان جي تربيت ڪندي،نصيحت جامدني گل عنايت ڪندي فرمائن ٿا:

تُو نرمی کو اپنانا جھگڑے مٹانا رہے گا سدا خُوشنُما مَدَنی ماحول
تُو غُصّے جھڑکنے سے بچنا وگرنہ یہ بدنام ہوگا ترا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسلمان هجن يا غير مسلم سڀئي هن حقيقت کي تسليم ڪن ٿا ته اِسلام سٺي اَخلاق ۽ نَرمي جي ڪري ڦهليو آهي، اڄ سڄي دنيا ۾ جيڪو اسان کي اسلام جو حَسِين گلشن سر سبز نظر اچي رهيو آهي هن ۾ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جااخلاق ڪريم ۽اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تربيت ڪان صحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم اَجْمَعِين ۽ اَولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِم اَجْمَعِين جي اَخلاق ۽ نرمي جو تمام وڏو عمل دخل آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ به چڱي اَخلاق جي بَرَڪتن سان بيشمار غير مسلم اسلام جي دَولت سان سَرفراز ٿي رهيا آهن جڏهن ته شرابين، وياج خورن، والِدَين جي نافرمانن، بَدڪارن، فلمون ڊراما ڏسندڙن ۽ گانا باجا ٻڌڻ جي شوقينن، فيشن پرستن، هڪ ٻي جي جاني دشمنن، مُعاشَري ۾ ناسُور سمجهيا ويندڙن، بَدعقيده ماڻهن ۽ طرح طرح جي گُناهن ۾ مبتلا رهڻ وارن جي زندگين ۾ حقيقي معنيٰ ۾ مَدَني اِنقلاب بَرپا ٿيڻ جو سِلسِلو جاري آهي. اچو! بهترين اَخلاق جي بَرَڪتن تي مُشتَمِل هڪ اِيمان اَفروز حڪايت ٻڌون ٿا، جيئن ته

## شَرابي جي توبہ

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيدُنا اِمام محمد غَزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ”اِحياءُ العُلُوم“ ۾ نَقل ڪن ٿا: حضرت سيدُنا محمد بن زَڪرِيا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان اِبنِ عائِشہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ حاضِر ٿيس، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مغرِب نماز کان بعد مسجِد کان گهر ڏانهن روانا ٿيا، رستي ۾ هڪ قريشي نوجوان نشي ۾ ڌُت نظر آيو، ان هڪ عورت سان بري حرڪت ڪئي، عورت رڙيون ڪرڻ لڳي، ماڻهو آيا ۽ ان نوجوان تي ڪاهي پيا، حضرت سيِّدُنا ابن عائشہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي سڃاتو ۽ ماڻهن کان ڇڏائي ڪري شفقت سان سيني سان لڳايو، پنهنجي گهر وٺي آيا ۽ ان کي سمهاري ڇڏيو، جڏهن اهو بيدار ٿيو تہ ان جو نشو لهي چڪو هو، ان کي نشي جي دوران ٿيڻ واري بي حيائي جي قصي ۽ مار جي خبر پئي تہ شرم سبب روئي پيو ۽ وجڻ لڳو، حضرت سيِّدُنا ابن عائشہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي نهايت نرمي سان نيڪي جي دعوت ڏني ۽ احساس ڏياريو تہ پٽ! اوهان تہ قريشي آهيو، اوهان جي خانداني شرافت مرحبا! اهو تہ غور ڪريو تہ اوهان ڪيڏي وڏي هستيءَ جا اولاد آهيو! پٽ! الله عَزَّ وَجَلَّ کان ڊڄو ۽ هميشہ جي لاءِ شراب نوشي ۽ ٻين گناهن کان توبہ ڪريو، اهو نوجوان انهيءَ پيار ڀري نيڪي جي دعوت سان شرمسار ٿي پيو ۽ ان روئي روئي ڪري توبہ ڪئي، شراب ۽ ٻين گناهن جي ويجهو نہ وڃڻ جو عهد ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه شفقت سان ان جو مٿو چميو ۽ خوب حوصلہ افزائي ڪئي، هو بيحد متاثر ٿيو ۽ سندن جي صحبت ۾ رهڻ لڳو ۽ احاديث مبارڪہ لکڻ تي مقرر ٿي ويو.

(اِحياءُ العلوم،۲/۴۱۱ ملتقطاً)

اچو! بارگاهِ رسالت ۾ فرياد ڪريون ٿا:

نعمتِ اخلاق کر دیجے عطا — یہ کرم یا مُصطَفٰے فرمایئے

(وسائل بخشش مرمم،ص۵۱۷)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڀڏو اوهان! حضرت سَيِدُنا اِبنِ عائشہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو اَنداز ڪيترو قدر شاندار هو ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه راهِ حق ڪي وساري ويٺل مسلمانن جي اِصلاح جي مقدَّس جذبي سان ڀريل هئا جيئن تہ جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هڪ شَرابي کي ماڻهن کان مار کائيندي ڏٺائون تہ ان کي ڇڏائي پنهنجي گهر وٺي آيا ۽ جڏهن ان جو نَشو لٿو تہ نهايت نَرمي سان نصيحتن جا مَدَني گل ارشاد فرمايا. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سندن جا مٺا ٻول، شفقت ڀريو اَنداز ۽ چڱي اَخلاق ان شرابي جي دل تي ايترو قَدَر گهرو اَثر ڪيو جو هو شراب نوشي ۽ ٻين گناهن کان توبہ ڪري حضرت سَيِدُنا اِبنِ عائشہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي صُحبت ۾ رهي حديثِ پاڪ جي خدمت ۾ مشغول ٿي ويو. جيڪڏهن حضرت سَيِدُنا اِبنِ عائشہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بہ ان تي ڪاوڙ ڪن ها ۽ ان جي مار ۾ شريڪ ٿين ها، ان تي سختي ڪن ها يا بداَخلاقي سان پيش اچن ها تہ ٿورو سوچيو! ڇا ان کان بعد ان شخص تي سندن رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي اِنفِرادي ڪوشِش ۽ نصيحتن جو ڪو اَثر ٿئي ها؟، ڇا هو پنهنجن گناهن کان پاسو ڪري ها؟، ڇا ان جي اِصلاح جو سبب ٿئي ها؟ڇا گناهن کان سچي توبهہ جو ذهن بڻجي ها؟ ڇا ان جي زِندگي (Life) ۾ حقيقي معنيٰ ۾ مَدَني اِنقلاب بَرپا ٿئي ها؟. يقيناً هرگز نہ! تہ جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ معاشَري ۾ سُنّتن جون بهارون اچي وڃن، بُرائي جا اڏا وِيران ۽ مسجدون آباد ٿي وڃن، مَدَني قافِلن جون ڌومون مچي وڃن، مسلمان الله ڪريم ۽ رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حقيقي فرمانبرداري اِختيار ڪري هن مَدَني مقصد کي اپنائڻ وارا بڻجي وڃن جو "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشِش ڪرڻي آهي. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، تہ اسان کي کپي تہ جيڪي مسلمان نمازن ۽ سُنّتن کان پري آهن يا مختلف گناهن ۾ مشغول آهن اُنهن کي پيار ۽ مَحَبَّت، نَرمي ۽ شَفقَت جا جام پياريون ۽ چڱي اَخلاق جي ذِريعي انهن کي ماحول جي قريب ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

## چڱي بُري اخلاق جو نتيجو

هڪ بُزرگ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: سنا اَخلاق پرائي کي پنهنجو بڻائي ڇڏيندا آهن ۽ بُرا اَخلاق پنهنجن کي پرايو بڻائي ڇڏيندا آهن.
(دين و دنيا کی انوکھی باتيں،ص۲۶۸)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ حديثن جا ڪتاب بهترين اَخلاق جي فضيلتن سان مالا مال آهن. اچو! تَرغيب طور 4 اَحاديثِ مبارَڪ ٻڌو ۽ خوش ٿيو:

1. فرمايائين:توهان ماڻهن کي پنهنجي مال سان خُوش نٿا ڪري سگهو، پر توهان جي خوش مزاجي ۽ خُوش اَخلاقي اُنهن کي خُوش ڪري سگهي ٿي. (شعب الايمان، باب في حسن الخلق،۶/ ۲۵۳، حديث: ۸۰۵۴)

2. فرمايائين:قِيامت جي ڏينهن مومن بانهي جي ميزانِ عمل ۾ بهترين اَخلاق کان وڌيڪ وزني ڪو عمل نہ هوندو.

(ترمذي، ڪتاب البر و الصلة ،باب ماجآء في حسن الخلق،۳ /۴۰۳، حديث :۲۰۰۹)

3. فرمايائين:ايمان ۾ وڌيڪ ڪامِل اهي مومن آهن، جن جا اَخلاق وڌيڪ سنا هجن. (ابو داود، ڪتاب السنة، باب الدليل...الخ،۴/۲۹۰،حديث:۴۶۸۲)

4. فرمايائين:منهنجي ويجهو توهان مان سڀ کان وڌيڪ پسنديده ۽ قِيامت جي ڏينهن منهنجي گهڻو ويجهو اهي ماڻهو هوندا جن جا اَخلاق سڀ کان وڌيڪ هوندا. (ترمذي،ڪتاب البر و الصلة ،ماجاء في معالي الاخلاق،۳/ ۴۰۹،حديث:۲۰۲۵)

اَخلاق ہوں اچّھے مِرا کِردار ہو سُتھرا محبوب کا صَدقہ تُو مجھے نیک بنا دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان تہ چڱي اَخلاق جون ڪهڙيون بَرڪتون آهن جو

سني اَخلاق سان ماڻهو خوش ٿيندا آهن، سنا اَخلاق قِيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل ۾ سڀ کان وڌيڪ وزني هوندا، سني اَخلاق وارا ڪامِل مومِن آهن، چڱي اَخلاق وارن کي بروزِ قِيامت قُربِ مُصطَفٰي نصيب ٿيندو. سني اَخلاق جون ايتري قَدَر فضيلتون ۽ بَرَڪتون ٻڌي اُمّيد آهي ته اسان جو به سنا اَخلاق اپنائڻ جو ذِهن بڻيوهوندو، پر سُوال هي آهي ته چڱي اَخلاق مان ڇا مُراد آهي؟ ته اچو ٻڌون ٿا ته چڱا اَخلاق ڇا کي چوندا آهي؟ جيئن ته

## حسن اَخلاق ڇا کي چئبو آهي؟

هڪ شخص نبي اَڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان سني اَخلاق جي باري ۾ سُوال ڪيو، ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي اڳيان هي آيتِ مُبارَڪ تِلاوَت فرمائي:

خُذِ الْعَفْوَ وَ اْمُرْ بِالْعُرْفِ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۱۹۹﴾ (پ۹،الاعراف: ۱۹۹)

**ترجموڪنزالايمان:** اي محبُوب مُعاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائِي جو حُڪم ڏي ۽ جاهِلن کان مُنهن موڙ.

اَميرُالمُؤمِنين حضرت سَيدُنا موليٰ مُشڪل ڪشا، شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْههُ الْكَرِيم فرمائن ٿا ته رَسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي فرمايو: ڇا مان اڳوڻن ۽ پوئين جي بهترين اَخلاق جي باري ۾ توهان جي رهنمائي نه ڪيان؟ مون عرض ڪيو، ضرور اِرشاد فرمايو، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو توهان کي مَحرُوم ڪري توهان ان کي عَطا ڪيو، جيڪو توهان تي ظُلْم ڪري توهان ان کي مُعاف ڪيو ۽ جيڪو توهان سان تَعَلُّق ٽوڙي توهان ان سان تَعَلُّق جوڙيو. (شعب الايمان،باب فی صلة الارحام،۶/۲۲۱،حديث:۷۹۵۶)

حضرت سَيدُنا عبدُالله بن مُبارَڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: خُوش مزاجي سان مُلاقات ڪرڻ، خُوب ڀلائي ڪرڻ ۽ ڪنهن کي تڪليف نه ڏيڻ، حسن اَخلاق

مان آهي. (ترمذی،،کتاب البروالصلۃ،باب ماجاء فی حسن الخلق،۳/۴۰۴، حدیث:۲۰۱۲)

ہو اَخلاق اچّھا ہو کِردار سُتھرا مجھے مُتّقِی تُو بنا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حسن اَخلاق جي بَرَڪتن مان هڪ بَرَڪت هي بہ آهي تہ جنهن جي شَخصِيت چڱي اَخلاق جي خُوبي سان آراستہ هوندي، اهو ايتري قَدَر تَرَقّي جون منزِلون طئي ڪندو ۽ خوب فائدا گڏ ڪندو آهي. هن ڳالھ کي ائين سمجهو تہ بعض دڪاندارن جي دُڪانن تي گراهڪن جو گهڻو رَش هوندو آهي ۽ ڪثير ماڻهو اُن جي دُڪانن جو رُخ ڪندا ۽ خريداري ڪندا آهن، انهن جي ڪامياب دُڪانداري جو هڪ راز هي بہ هوندو آهي تہ هو پنهنجي گراهڪن سان نهايت سني اَخلاق سان پيش ايندا آهن، انهن کي چانھ، بسڪٽ ۽ ٿڌا مشروبات (cold drink)وغيره پيش ڪندا آهن، گراهڪ هڪ شيء ڏيکارڻ جو مطالَبو ڪري تہ هو 10 شيون ان جي اڳيان رکندا آهن. مطلب تہ گراهڪ (Customer) سان انهن جو اَخلاق ايتري قدر سنو هوندو آهي، جو هو خريداري ڪرڻ بغير ناهي ويندو، بالفرض ڪو گراهڪ دُڪان دار سان بدسُلوڪي بہ ڪري وجي تہ دُڪاندار ان کي خوش اخلاقي سان برداشت ڪندو آهي ۽ گراهڪ ناهي ٽٽڻ ڏيندو. هاڻي تورو اسان پنهنجو اِحتساب ڪريون تہ ڇا نون اسلامي ڀائرن تي اِنفِرادي ڪوشش جي دوران اسان جو اَنداز بہ اهڙو مِٺو هوندو آهي؟، ڇا اسلامي ڀائرن سان ملاقات جي وَقت اسان جي چهري تي بہ مُرڪ هوندي آهي؟، ڇا اسان نيڪي جي دعوت ڏيڻ وَقت ڪو تحفو مثال طور مڪتبةُ المدينہ جو رِسالو پيش ڪندا آهيون؟، ڇا اسان جي اَخلاق کان مُتَاثّر ٿي ڪري بہ اڄ تائين ڪو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿيو يا

ڪنهن بگڙيل شخص کي تَوبہ جي تَوفيق نصيب ٿي؟، ڇا اسان ڪڏهن پنهنجي متي سختي ڪرڻ وارن جي سختي کي خوشي سان برداشت ڪيو يا مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ سر جو جواب پٿر سان ڏئي ناداني ڀريو سُلوڪ ڪيو؟. اسان جا اَخلاق تہ ايترا پيارا هئڻ گهرجن جو ڏسڻ وارن جي زبانن تي خودبخود جاري ٿئي تہ غلامانِ رَسُول جي اَخلاق جو هي عالَم آهي تہ پوءِ رَسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَخلاق جو عالَم ڇا هوندو. ياد رکو! سٺي اَخلاق جون بَرَڪتون صِرْف بااَخلاق ماڻهن تائين ئي مَحدود نٿيون رهن بلڪ اَولاد کي بہ ان جا فائدا حاصل ٿيندا آهن، جيئن تہ

## والد جي سٺي اَخلاق جي ڪري ڌيءَ جي آزادي!

رَسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽ طيءِ قَبِيلَي جا قيدي آندا ويا تہ هڪ قيدي ڇوڪريءَ بيهي عَرْض ڪيو: اي محمد(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! جيڪڏهن اوهان بهتر سمجهو تہ مون کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ عَرَب جي قبيلن کي مون تي نہ کلايو ڇوتہ مان پنهنجي قَوم جي سردار حاتِم طائي جي ڌيءَ آهيان ۽ بيشڪ منهنجو پيءُ (Father) پنهنجي قَوم جي حمايت ڪندو، قيدين کي آزاد ڪندو، بکايلن جو پيٽ ڀريندو، ڪاڏو ڪارائيندو، سلام کي عام ڪندو ۽ ڪنهن ضرورت مند کي ڪڏهن بہ واپس نہ موٽائيندوهو. نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: اي نياڻي! هي (تہ) سچّي اِيمان وارن جي صِفَت (خوبي) آهي. جيڪڏهن تنهنجو پيءُ مسلمان هجي ها تہ اسان ضرور ان جي لاءِ رحمت جي دعا ڪريون ها. (پوءِ اِرشاد فرمايائون:) هن ڇوڪريءَ کي آزاد ڪيو ڇوتہ هن جو پيءُ سٺي اَخلاق کي پسند ڪندو هو ۽ اللّٰه ڪريم بہ سٺي اَخلاق کي پسند فرمائيندو آهي. ان ذات جو قسم جنهن جي قبضَہ قُدرَت ۾ منهنجي جان آهي! جنّت ۾ صرف چڱي اَخلاق وارو ئي داخل ٿيندو.

(نوادرالاصول، الاصل الثاني وا لتسعون و المائة، ٢/ ٧٢٧، حديث: ١٠٠١ملتقطاً)

مرے اَخلاق اچھے ہوں مرے سب کام اچھے ہوں بنا دو مجھ کو تم پابندِ سُنّت یارسولَ اللہ

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۳۳۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدرسة المدينہ بالغان“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ ربّ ڪريم ۽ رسولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي چڱا اَخلاق ڪيتري قدر پسند آهن جو حاتِم طائي جيڪو هڪ غير مسلم هو پر ان جي چڱي اخلاق جي ڪري ان جي ڌيءَ کي غلامي مان نجات ملي وئي. ٿورو سوچيو تہ هاڻي جيڪو مسلمان سٺي اَخلاق جي دَولت سان مالا مال هوندو تہ ان کي ۽ ان جي اَولاد کي ان جون ڪهڙيون ڪهڙيون بَرڪتون نصيب ٿينديون. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مَدَني ماحول اسان کي چڱي اخلاق اپنائڻ ۽ ان تي هميشگي اِختيار ڪرڻ جو ذِهن عطا ڪري ٿو تنهنڪري بداَخلاقي کان پيڇو ڇڏائڻ ۽ سٺي اَخلاق جي زيور سان آراستہ ٿيڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ مشغول ٿي وڃو. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم ”مدرسةُ المدينہ بالغان“ ۾ پڙهڻ يا پڙهائڻ بہ آهي.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسةُ المدينہ بالغان جي بَرڪت سان دُرست قرآنِ ڪريم پڙهڻ نصيب ٿيندو آهي❖ مدرسة المدينہ بالغان نماز،وُضو ۽ غُسْل وغيره ضروري اَحڪام سکڻ جو بهترين ذريعو آهي❖مدرسة المدينہ بالغان ۾ حاضِري جي بَرڪت سان سٺي صُحبت ملندي آهي ❖مدرسةُ المدينہ بالِغان جي بَرڪت سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ ٻڌڻ جي سعادت ملندي آهي ❖ مدرسةُ المدينہ بالِغان جي بَرڪت سان علمِ دين جي دَولت نصيب ٿيندي آهي ❖ مدرسةُ المدينہ بالغان جي

برڪت سان مدني انعامات تي عمل جو جذبو ملندو آهي❖ مدرسةالمدينہ بالغان جي برڪت سان سنااخلاق ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي❖ مدرسةُ المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان مسجد ۾ ويهڻ جو ثواب ملندو آهي ۽ مسجد ۾ ويهڻ ربّ ڪريم کي ڪيتري قَدَر پسند آهي ان جو اَندازو هن حديثِ پاڪ مان لڳايو جيئن نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: جيڪو مسجد کان مَحَبَّت ڪندوآهي الله پاڪ ان کي پنهنجو محبوب بڻائيندو آهي. (مجمع الزوائد، ڪتا ب الصلوة ،با ب لزوم المساجد، ۲/۱۳۵،رقم:۲۰۳۱)

اچو! مدرسةُ المدينہ بالِغان ۾ پڙهڻ جي بَرَڪت تي مُشتَمِل هڪ مَدَني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## بدنگاهي جي عادت کان نجات ملي وئي

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ ۾ فلمون دراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ ۽ بدنگاهي ڪرڻ جو عادي هو جڏهن تہ نمازن جي پابندي جو بہ ذهن نہ هو. اتفاق سان هڪ ڀيري ان جي ملاقات سفيد لباس پاتل سبز سبز عمامہ سجايل هڪ اسلامي ڀاءُ سان ٿي، انهن انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مدرسةُ المدينہ (بالغان) ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، انهن دعوت قبول ڪندي مدرسةُ المدينہ (بالغان) ۾ پڙهڻ شروع ڪيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ مدرسة المدينہ (بالغان) جي برڪت سان هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ان جو معمول بڻجي ويو، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مريد بہ ٿي ويو. نمازي ۽ مسجد ۾ درس ڏيڻ وارو بڻجي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ فلمون دراما، گانا باجا، بدنگاهي وغيره گناهن کي ڇڏي چڪو ۽ پنهنجي گهر وارن تي بہ انفرادي ڪوشش ڪندي انهن کي بہ نمازي بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن.

اگر سُنّتيں سيکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ ديگا سِکھا مَدَنی ماحول

بُری صُحبتوں سے کنارہ کشی کر کے اچھوں کے پاس آ کے پا مَدَنی ماحول
سَنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ اللہ تم اپنائے رکھو سَدا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سِیَہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
(وسائلِ بخشش مرمم،ص۶۴۶تا۶۴۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان جي بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين پنهنجي اَخلاق جي بدولت جهڙي طرح ٻتڪيل ماڻهن جي اِصلاح جو فَرض ادا ڪيائون اهو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اِصلاحِ اُمّت ۽ نيڪي جي دعوت جو اهو مُبارَڪ سِلسِلو اڄا بہ جاري ۽ ساري آهي ۽ اڄ جي هن پُرفِتَن دور ۾ بہ اهڙيون ڪيئي نيڪ هستيون هن دُنيا ۾ جلوَہ گر آهن جو جِن جي عُمده اَخلاق جي بَرَڪت سان بي شُمار ماڻهن جي اِصلاح ٿي ۽ غير مسلمن (Non muslims) اِسلام قَبول ڪيو. اِنهيءَ هستين مان پندرهين صَدِي جي عظيم عِلمي ۽ رُوحاني شَخصِيت، شَيخِ طَرِيقَت، اميرِ اَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ذاتِ بابَرَڪات بہ آهي جو جن جي ڏينهن رات جي ڪوشِشن ۽ عُمده اَخلاق جي بدولت ڪوڙ ماڻهن جي زِندگين ۾ مَدَني اِنقلاب برپا ٿي چڪو آهي. جي ها ان جي مثال جيڪڏهن پنهنجي اکين سان ڏسڻي هجي تہ دعوت اسلامي جو مدني ماحول ڏسي ونو،سڄي دنيا جي هرهفتيوار سنتن ڀري اجتماعن ۽ مدني مذاڪره اجتماعن ۾ جمع ٿيڻ وارن هزارين عاشقان رسول جو موجون هڻندڙ سمندرهن ڳالهہ جي دليل آهي تہ هي ڪنهن عظيم هستي جوفيضان آهي،جي ها!مان قربان وڃان،اميرِاهلسنت،باني دعوت اسلامي جي ڪريم اخلاق تي،اهو يقينن مصطفٰي جي اخلاق جو فيضان آهي جو امير اهلسنت باني دعوت

اسلامي جي هتان اهڙن خبر ناهي ڪيترن ماڻهن گناهن کان توبهہ ڪئي آهي جيڪي ڪل تائين تہ معاشري جا ڏڪاريل چورائيندا هئا،پر اڄ انهن کي امير اهلسنت جي دامنِ شفقت لڪائي رکيو آهي،اوهان جي اعلٰي حسنِ اخلاق جون مبارڪ ڪرنون جڏهن ڪنهن بي نمازيءَ تي پيون تہ ان کي نہ صرف نمازي بڻائي ڇڏيو بلڪ امامت جي مصلّي تي بيهاري ڇڏيو،جنهن کي پاڻ درست قرآنِ ڪريم پڙهڻ نہ ايندو هو،اوهان جي اعلٰي حسنِ اخلاق جي مهڪ ان کي قاري بڻائي ڇڏيو،جيڪوڪل تائين علم دين سکڻ کان محروم هو،اوهان جي اعلٰي اخلاق جي خوشبوئن ان جي ذهن کي بہ معطرڪيو ۽ ڪنهن کي مفتي تہ ڪنهن کي شيخ الحديث بڻائي ڇڏيو،جي ها امير اهلسنت،باني دعوت اسلامي جي اخلاق ڪريمہ کي سلام پيش ڪندي ڪنهن عاشق رسول ڇا خوب چيو!!!

مسلک کا تُو اِمام ہے اِلیاس قادری تدبیر تیری تام ہے الیاس قادری
امریکہ، یُورپ،ایشیاء ، افریقہ ہر زمیں کرتی تجھے سلام ہے الیاس قادری
فکرِ رضا کو کر دیا عالم پہ آشکار یہ تیرا اُونچا کام ہے الیاس قادری
سنّت کی خوشبوؤں سے زمانہ مہک اُٹھا فیضان تیرا عام ہے الیاس قادری
تنہا چلا تُو ساتھ تِرے ہو گیا جہاں میٹھا تیرا کلام ہے الیاس قادری

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

الله پاڪ امير اهلسنت،باني دعوت اسلامي جي اعلٰي اخلاقِ ڪريمہ جو صدقو اسان کي بہ نصيب فرمائي،اي ڪاش اسان جي چند ڪيڻ جي عادت نڪري وڃي،نرمي نرمي ۽ نرمي نصيب ٿئي ۽ اسان جو ڪلام بہ نرم ۽ مٺو

تي وجي.

اچو! ان وَلي ڪامِل جي اَخلاق ڪان مُتاثّر ٿي دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿيڻ واري هڪ اسلامي ڀاءُ جي مَدَني بهار ٻڌو ۽ ان مان حاصِل ٿيندڙ مَدَني گلن کي پنهنجي دِل جي مَدَني گلدستي ۾ سجائڻ جي ڪوشِش ڪريو، جيئن تہ

## وڏي صبر جو مظاهرو!

هي اُنهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن دعوتِ اسلامي جو هفتيوار سنتن ڀريو اجتماع دعوتِ اسلامي جي پهرين مدني مرڪز ”گلزارِ حبيب مسجد“ گلستانِ شفيع اوڪاڙوي (سولجَر بازار) بابُ المدينہ ڪراچي ۾ ٿيندو هو. شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ اسلامي ڀائرن سان گڏ جڏهن سِينِيما گهر جي ڀرسان لنگهيا تہ هڪ نوجوان جيڪو اُتي فلم ڏسڻ جي لاءِ ٽڪيٽ وٺڻ جي لاءِ قطار ۾ بيٺو هو، اُن (معاذ الله عَزَّ وَجَلَّ) وڏي آواز سان اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي مخاطب ڪري چيو:”مولانا! ڏاڍي سٺي فلم لڳي آهي اچي ڪري ڏسو.“ ان ڪان اڳ جو گڏ وڃڻ وارا اسلامي ڀائر جذبات ۾ اچي ڪجهہ ڪَن ها، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ان نوجوان کي وڏي آواز سان سلام ڪيو ۽ ويجهو وڃي تمام نرميءَ سان انفرادي ڪوشش ڪندي ارشاد فرمايائون: ”مان فلمون ناهيان ڏسندو باقي توهان مون کي دعوت پيش ڪئي تہ مون سوچيو تہ توهان کي بہ دعوت پيش ڪريان، هيئنئر اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گلزارِ حبيب مسجد ۾ سنتن ڀريو اجتماع ٿيندو، توهان کي شرڪت جي گذارش آهي، جيڪڏهن توهان هاڻي نہ ٿا اچي سگهو تہ جڏهن موقعو ملي تہ ضرور تشريف وٺي اچجو.“ پوءِ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ان کي عطر جي شيشي تحفي ۾ پيش ڪيائون. ڪجهہ سالن ڪان پوءِ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي بارگاهہ ۾ سُنَّتن جو عامِل هڪ اسلامي ڀاءُ سبز عمامي سان حاضر ٿيو ۽ ڪجهہ هن طرح عرض ڪيائين: ”سائين !ڪجهہ سال اڳ ۾ هڪ نوجوان اوهان کي (معاذالله عَزَّوَجَلَّ)

فِلم ڏسڻ جي دعوت ڏني هئي ۽ اوهان انتهائي صبر جو مظاهرو ڪندي ناراض ٿيڻ بدران ان کي دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي هئي، اهو نوجوان مان ئي آهيان. مان اوهان جي عظيم حُسنِ اَخلاق کان گهڻو متاثر ٿيس آخرڪار هڪ ڏينهن اجتماع ۾ آيس، پوءِ اوهان جي نظرِ ڪرم ٿي وئي ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان گناهن کان توبهه ڪري دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس. (تعارف امير اهلسنت،ص۴۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته شَيخِ طريقت، اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اِنفِرادي ڪوشِش ڪرڻ جو طريقو به ڪيترو پيارو هو! جيڪڏهن پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ان نادان جي نامناسِب حَرَڪت تي غُصّي ۾ اچن ها ۽ کو سخت جواب ڏين ها ته ڪڏهن به اهڙا مَدَني نتيجا نه نڪرن ها. تنهنڪري جيڪڏهن اوهان به اُمّت جي اصلاح جو درد پنهنجي سيني ۾ رکو ٿا ته سٺا اَخلاق، عاجِزي، صَبر ۽ نَرمي کي پنهنجي طبيعت ۾ شامل ڪريو ڇوته بُرا اَخلاق عمل کي به خراب ڪري ڇڏيندا آهن جيئن ته

نبي اکرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: سٺا اخلاق گناهه کي اهڙي طرح ڳاري ڇڏيندا آهن جهڙي طرح پاڻي برف کي ڳاريندو آهي ۽ بُرا اخلاق عمل کي ائين خراب ڪندا آهن جيئن سِرڪو ماکيءَ (Honey) کي خراب ڪري ڇڏيندو آهي. (معجم ڪبير،۱۰/ ۳۱۹،حديث: ۱۰۷۷۷) اچو! بُري اَخلاق جا ڪجهه دِيني ۽ دُنياوي نُقصانن جي باري ۾ ٻڌون ٿا، جيئن ته

## بداَخلاقي جا ديني ۽ دنياوي نُقصان

❁بداَخلاقي نُحوست آهي، ❁بداَخلاقي پاڻ به بدعَمَلي آهي ۽ ڪوڙ بدعَمَلِين جو ذَرِيعو آهي. (مرآةُ المناجيح،۶/۴۳۶) ❁ ڪوڙ، خِيانت، وعده خِلافي سڀ بداَخلاقي جون شاخون آهن. (مرآة المناجيح،۶/ ۴۳۶) ❁بد اَخلاقي پاڻ ۾ اِختلاف جو باعِث آهي. (احياء العلوم،۲/ ۵۶۹ بتغير قليل) ❁ بد اَخلاقي پاڻ ۾ بُغض ۽ حَسَد ۽ جُدائي پيدا ڪندي

آهي. (احياء العلوم،۲/۵۶۹) ❁بداَخلاقي کان رَسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پناهه گهري آهي. (ابوداود، ڪتاب الوتر، باب في الاستعاذة،۲/ ۱۳۰،حديث: ۱۵۴۶ماخوذاًو مفهوماً) ❁بد اَخلاقي ۽ بد زباني کان الله پاڪ ناراض ٿئي ٿو، ❁ بد اَخلاقي جي سبب گراهڪ دُڪاندار وٽ اچڻ کان لهرائيندا آهن، ❁ بداَخلاقي بُرو شگون آهي. (ڪنز العمال،ڪتاب الاخلاق، قسم الاقوال، الباب الثاني...الخ ،الجزء۳، ۲/ ۱۷۸، حديث: ۷۳۴۳) ❁بداَخلاقي جيڪڏهن اِنساني شڪل ۾ هجي ها ته اها (نهايت) بُرو ماڻهو هجي ها. (ڪنز العمال، ڪتاب الاخلاق، الفصل الاول، الجزء الثالث ۲،۳ /۱۷۸، حديث: ۷۳۵۱) ❁الله پاڪ وٽ سڀ کان وڏي بُرائي بُرا اَخلاق آهن. (جامع الاحاديث، ۴۰۶/۱۹، حديث: ۱۴۹۲۲ملخصاً) ❁بيشڪ بي حيائي ۽ بد اَخلاقي جو اسلام جي ڪنهن شيء کان ڪو تَعَلُّق ناهي. (مسند احمد، مسند البصريين، حديث ابي عبد الرحمن، ۴۳۱/۷، حديث: ۲۰۹۹۷) ❁بد اَخلاقي نيڪي جي دعوت ۾ تمام وڏي رُڪاوٽ آهي، ❁بد اَخلاقي سبب ڪڏهن ته زال مڙس ۾ طَلَاق جي نَوبَت اچي ويندي آهي، ❁بداَخلاقي جي نَحوست سان گهر جو سُڪون بَرباد ٿي ويندو آهي، ❁بداخلاقي جي نحوست ڪان ڪوعاشق رسول بلڪ پورو خاندان دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان دور ٿي سگهي ٿو ❁بداخلاق جي نحوست بن خاندانن ۾جدائي ڪرائيندي آهي ❁بداخلاقي جي نحوست قريب ٿيڻ وارن کي دور ڪري ڇڏيندي آهي ❁بد اَخلاق هڪ گُناهه کان تَوبه ڪندو آهي ته ان کان بدتَر گُناهه ۾ گِرفتار ٿي ويندو آهي. (جامع الاحاديث للسيوطي،قسم الاقوال،۲/ ۳۷۵، حديث: ۶۰۶۴) ❁ بداَخلاق شخص کي ڪيئي ڀيرا ناڪامين کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، مطلب ته بداَخلاقي ڪثير بُرائين جو مَجموعو ۽ دُنيا ۽ آخِرت ۾ هلاڪت ۽ بَربادي جو سبب آهي. الله ڪريم سڀني مسلمانن کي بُري اَخلاق جي نَحوست کان محفوظ رکي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

بھاگتے ہیں سُن لے بد اَخلاق اِنساں سے سبھی مُسکرا کر سب سے ملنا دل سے کرنا عاجِزی

(وسائل بخشش مرمم،ص۶۹۸)

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هيئنر اسان بداَخلاقي جا دِيني ۽ دُنياوي نُقصانن جي باري ۾ ٻڌو، اي ڪاش! انهن کي ٻڌي اسان جي دل ۾ به ان کان نفرت پيدا ٿي وڃي ۽ اسان جو توبه جو ذِهن به بڻجي وڃي. اچو! هاڻي اسان حسن اَخلاق جو پيڪر بڻجڻ جي لاءِ ٻارهين واري آقا،مڪي مدني مصطفٰي جي ٻارهين جي نسبت سان 12 طريقا ٻڌي انهن تي عمل جي نِيت به ڪريون ٿا:

## چڱن اَخلاق جي عادت بنائڻ جا طريقا

(1) چڱي اَخلاق جو پيڪر بڻجڻ جي لاءِ بارگاهِ الٰهي ۾ ٻاڏايو ۽ پنهنجن هٿن کي بلند ڪري اَشڪبار اکين سان بُري اَخلاق کان نجات جي دُعا گهرو، (2) چڱي اَخلاق جون فضيلتون ۽ بُري اَخلاق جي نُقصانن تي مُشتَمِل اَحاديث ۽ رِوايات، واقِعا ۽ اَقوالِ بُزرگانِ دِين کي بار بار پڙهو ۽ ٻڌو، (3) ڏينهن جو اڪثر حِصّو خاموشي اِختيار ڪريو ۽ وس آهر لکي ڪري يا اِشاري سان گفتگو جي عادت بڻايو، (4) پابندي سان تلاوتِ قرآن ۽ ترجَمو قرآن ڪنزُالايمان ۽ ان سان گڏ تفسير خزائنُ العرفان يا نورُالعرفان يا صراطُ الجنان جو مُطالعو ڪرڻ جو معمول بڻايو، (5) بُرن ماڻهن جي صحبت کان بچندا رهو، (6) دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته رهو ۽ ٻارهن (12)مَدَني ڪمن کي پاڻ تي لازم ڪريو، (7) دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتماعات ۽ اميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي عِلم ۽ حڪمت سان ڀرپور مَدَني مذاڪرن ۾ پابندي سان اول کان آخر شرڪت ڪي پنهنجو معمول بڻايو، (8) دعوتِ اسلامي سان وابسته عاشقانِ رسول سان گڏ يڪمشت 12 مهينا، هر 12 مهينن ۾ 1 مهينو (30 ڏينهن) ۽ سڄي عُمر هر مهيني 3 ڏينهن جي مَدَني قافِلن ۾ سفر ۽ روزانو فِڪرِ مدينه ڪندي مَدَني اِنعامات جو رِسالو ڀريو، (9) دعوتِ اسلامي جي تحت

ٽيندڙ فَيضانِ فَرض عُلوم ڪورس، ڪردار سازڪورس يعني اصلاح اعمال ڪورس،12 مدني ڪام ڪورس،فيضانِ نمازڪورس،مَدَني تربيتي ڪورس، ڪريو، (10) مَدَني چينل تي نشر ٿيڻ وارا علمِ دين جي خوشبوئن سان مالامال مُختلِف سلسلا ڏسندا رهو، (11) ڪنهن پيرِ ڪامِل جو دامَن مضبوطي سان پڪڙيو، اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ شَيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه ۾ پيرِ ڪامِل جا تمام شرط موجود آهن، تنهنڪري اسان کي بہ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي ذَرِيعي مُريد ٿي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي غُلامن ۾ شامِل ٿي وڃڻ گهرجي (12) دعوتِ اسلامي جي تحت قائم شُعبن مان ڪنهن شعبي ۾ پنهنجون خدمتون پيش ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هنن طريقن تي عمل جي بَرَڪت سان بُري اَخلاق جو خاتِمو ٿيندو ۽ سٺا اَخُلاق اپنائڻ جو ذِهن بڻجندو(13) رسالو”حسنِ اخلاق“احترامِ مسلم ۽ مٺا بول،جو مطالعو ڪريو.(14)احياءالعلوم کان”حسنِ اخلاق جو بيان“جو مطالعو ڪريو.

اچو!ربّ ڪريم جلّ جَلالُه جي بارگاھ ۾ دعا ڪريون ٿا:

تُو عطا حِلم کی بھیک کر دے  ميرے اَخلاق بھی ٹھیک کر دے
تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے  یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائل بخشش مرمم،ص۱۳۸)

## مجلس مَدَني مُذاڪره

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ خدمتِ دين جي ڪم و بيش 104 شُعبن ۾ سُنّتن جون ڌومون مچائي رهي آهي، جن مان هڪ شعبو ”مجلس مَدَني مذاڪره“ بہ آهي. اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ شَيخِ طريقت، اميرِاهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پاڻ هن قول ”علم بي

شمار خزانن جو مجموعو آهي“جنهن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو سوال آهي“ جي قول کي عملي جامو پارائيندي سوال جواب جو هڪ سلسلو شروع ڪيو آهي جنهن کي دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾مدني مذاڪرو“ چيو ويندو آهي. عاشقان رسول مدني مذاڪرن ۾عقائد ۽ اَعمال، فضائِل ۽ مَنَاقِب، شريعت ۽ طريقت، تاريخ وسيرت، سائنس وطِبّ، اَخلاقيات ۽ اِسلامي معلومات، معاشي، سماجي، تنظيمي معاملن ۽ ٻين ڪافي موضوعن جي باري ۾ مختلف قسم جا سوال ڪندا آهن ۽ شيخِ طريقت، اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه انهن کي حڪمت ڀريا ۽ عشقِ رسول سان لبريز جوابن سان نوازيندا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ”مجلس مَدَني مذاڪره“ جي تحت شيخ طريقت، اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي انهن عطا ڪيل دلچسپ ۽ علم ۽ حڪمت سان ڀريل عظيم ارشادن جي مدني گلن جي خوشبوئن سان سڄي دنيا جي مسلمانن کي مهڪائڻ جي لاءِ انهن مدني مذاڪرن کي تحريري رسالن، وي سي ڊيز۽ ميموري ڪارڊزجي صُورت ۾ پيش ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! حسنِ اخلاق جا فضائل۽ بداخلاقي جو نحوستون ٻڌي ڪري يقينا اسان جو ذهڻ ٺهيو هوندوت تہ هاڻي ڪان اسان کي بہ با اخلاق ٿيڻو آهي، بد اخلاقي ڪان هميشہ جي لاءِ جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. بد اخلاقي ڪان بچڻ جا ڪجهہ طريقا بہ اسان ٻڌا،اچو!هتون هٿ بد اخلاقي ڪان نجات جي دعا بہ ٻڌي ونون بلڪ ٿي سگهي تہ هن دعا کي ياد ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اسان بار بار اها دعا گهرندا رهون ۽ هن دعا جي برڪت سان اسان کي حسنِ اخلاق جي دولت نصيب ٿئي.اها دعا هي آهي

## بداَخلاقي ڪان نجات جي دُعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَعُوۡذُ بِكَ مِنۡ مُنۡكَرَاتِ الۡاَخۡلَاقِ، وَالۡاَعۡمَالِ وَالۡاَهۡوَاءِ

(ترمذي،احاديث شتي،باب دعاء ام سلمه،۵/۳۴۰،حديث:۳۶۰۲)

ترجمو: اي الله! مان بُري اَخلاق، بُرن عملن ۽ بُري خواهشن کان تنهنجي پناهه گهران ٿو.

## بَيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان حسن اَخلاق جي بَرَڪتن جي باري ۾ ٻڌو ته

❁چڱا اَخلاق قُربِ مُصطَفٰي جو ذَرِيعو آهن، ❁ چڱن اَخلاق وارا ڪامِل مومِن آهن، ❁ سٺو اَخلاق دل ۾ جاءِ ٺاهڻ جو زبردست نُسخو آهي، ❁ چڱي اَخلاق جي بَرَڪت سان گناهن ۾ مُبتَلا ماڻهن جي اِصلاح جو سامان ٿي ويندو آهي، ❁ سٺي اخلاق جي بَرَڪت سان غير مسلمن کي ايمان جي دولت نصيب ٿيندي آهي، ❁ سٺي اخلاق جي بَرَڪت سان دِين جو ڪم خُوب تَرَقّي ڪندو آهي، ❁ چڱي اَخلاق جي بَرَڪت سان دُشمن بہ دوست بڻجي ويندا آهن، ❁ سٺي اَخلاق جي بَرَڪت سان اِنفِرادي ڪوشش ۾ مشڪلات پيش ناهي ايندي، ❁ سٺي اَخلاق جون بَرَڪتون اَولاد کي بہ نصيب ٿينديون آهن.

الله پاڪ اسان کي بہ سٺي اَخلاق جي لازوال دَولت سان مالا مال فرمائي ۽ بَداَخلاقي کان اسان جي حفاظت فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءَ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو .

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سُنّتیں عام کریں دِین کا ہم کام کریں نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## زلفن ۾ مٿي جي وارن جون سُنّتون ۽ آداب

اچو شيخِ طريقت ،اميرِ اهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ''163 **مدني گل**'' مان زلفن ۽ مٿي جي وارن جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا: خاتَمُ المُرسَلين، رَحمَة لِّلعٰلَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ زُلف ڪڏهن اڌ ڪن مبارڪ تائين ته ❁ ڪڏهن ڪن مبارڪ جي لَو (يعني پاپڙي) ۽ ❁ ڪڏهن ڪڏهن وڌي ويندا هئا ته مبارڪ ڪُلهن کي جهومندي چمڻ لڳندا هئا. (الشمائل المحمدية، ص١٨،٣٥،٣٤) ❁ صدرُالشّريعه بدرُالطّريقه حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: مرد کي جائز ناهي ته عورتن وانگر وار وڌائي، ڪجھ صوفي سڏائيندڙ وڏيون وڏيون چوٽيون وڌائيندا آهن جيڪي انهن جي سيني تي نانگ وانگر هيڏي هوڏي ٽينديون آهن ۽ ڪجھ چوٽيون به ٻڌندا آهن ۽ جوڙو (يعني عورتن وانگر وار ڪنڌ تي گڏ ڪري ڳنڍي ٻڌي ڇڏيندا آهن اهي سڀ ناجائز ڪم ۽ شريعت جي خلاف آهن، ❁ ننڍڙين ٻارڙين جا وار به مرداڻي انداز سان نه ڪٽايو، ننڍپڻ کان ئي انهن کي وڏا وار رکڻ جو ذهن ڏيو ❁ سنّت هي آهي ته جيڪڏهن مٿي جا وار هجن ته وچ مان سينڌ ڪڍي وڃي. ❁ اڄڪلھ قينچي يا مشين جي ذريعي وارن کي مخصوص نموني تي ڪٽي وڏا ته ڪٽي ننڍا ڪري ڇڏبا آهن اهڙا وار رکڻ سنت ناهي ❁ ٻُچي (يعني اهي ڪجھ وار جيڪي چپ جي هيٺ کاڏي جي وچ ۾ هوندا آهن) ان جي آس پاس جا وار ڪٽائڻ يا اکيڙڻ بدعت آهي. (فتاوىٰ عالمگيري ج 5 ص 358) ❁ ڏاڙهي يا مٿي ۾ مهندي لڳائي سمهڻ نه گهرجي،

هڪ حڪيم جي بقول اهڙي طرح مهندي لڳائي سمهڻ سان مٿي وغيره جي گرمي اکين ۾ لهي ايندي آهي جيڪا بينائي جي لاءِ مُضر يعني نقصان دِه آهي.

❁ مهندي لڳائڻ واري جي مُڇَن، هيٺين چپ ۽ ڏاڙهي جي خط جي ڪناري طرف وارن جي اڇاڻ ڪجهه ڏينهن ۾ ظاهر ٿيڻ لڳي ٿي جيڪا ڏسڻ ۾ سٺي نٿي لڳي، لهٰذا جيڪڏهن هر هر سڄي ڏاڙهي نٿا رنگي سگهو تہ ڪوشش ڪريو هر چار ڏينهن کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ان جڳهين تي جتي جتي اڇاڻ نظر ايندي هجي ٿوري مهندي لڳايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

خُوب خُود داریاں، اور خوش اخلاقیاں آیئے سیکھ لیں، قافلے میں چلو
(وسائل بخشش مرمم،ص۶۷۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري
## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

( افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.( افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن .

( القول البديع، الباب الثانى، ص277)

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.

(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(القول البديع، الباب الاول، ص125)

### (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١)

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.
(مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305)

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد